

ٻارو! ڪنهن ڳوٺ ۾ هِڪُ شَخص وَتايو رَهندو
هو. هن کي ڪَراچي ڏسڻ جو ڏاڍو شَوق هو.
هِڪ ڏينهن هُو ڪَراچي لاءِ سَنبريو. ماءُ کان
اِجازت وَٺي ڪَراچيءَ لاءِ روانو ٿيو.



وَتايو ڪَراچيءَ پُهتو. بَس مان لَٿو تہ حيران ٿي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو "واھ...! روشنين جا شهر، ڪَراچي...! ايڏيون گاڏيون، هيڏيون وڏيون عِمارتون." هُن سوچيو تہ جلدي جلدي ڪَراچي گهمي وٺان.



وَتايو ڪِلفٽن پُهتو تہ سَندس نظر سَمنڊ تي پئي. ”مار...هيڏو وڏو درياءُ!“ پَر ۾ بيٺل ماڻهوءَ ڪيس چيو ”هي درياءُ نہ، سَمنڊ آهي.“ وَتائي ڳوٺ جي ٻارن لاءِ سِپيُون گڏ ڪيون.




هُو قائداعظم جي مَزار تي پُهتو. مَزار جي
چَوڌاري سُهڻا باغيچا هئا. پاڻي جا ڦوهارا پڻ
هلي رهيا هئا. گهمي ڦري هو ٿڪجي پيو پَر
تڏڙي هِيرَ ۾ هن جو ٿَڪُ لهي ويو.



مَزار کان پوءِ وَتايو راڻي باغ پهتو. هن شينهن، پولڙا، ڦاڙها ۽ واڳون ڏٺا. مور پَرَ کولي نچي رهيو هو. وَتائي هاٿي تي چڙهي سير به ڪيو. وَتايو ڏاڍو خوش ٿيو.



وَتائي بازار ۾ هوٽل تي ماني کاڌي. بازار ۾ ڪپڙن، رانديڪن، بُوٽن ۽ ڪِتابن جا دُڪان هئا. وَتائي پنهنجي لاءِ بُوٽ، ماءُ لاءِ وَڳو ۽ پاڙي جي ٻارن لاءِ ڪٽمنڙا ورتا.



گَهر واپسيءَ تي هُن ماءُ کي پنهنجو فوٽو ڏيکاريو ۽ ڪيس ٻُڌايو تہ ”ڪَراچي ڏاڍو خوبصُورت شهر آهي.“ هُن ماءُ کي وَڳو ڏنو ۽ ٻارن کي سِپيون ۽ ڪٽمنڙا ڏنائين.



**اهم سوال**

جيڪڏهن توهان کي موقعو ملي تہ توهان ڪهڙو شهر گُهمندو ۽ ڇو؟

## پڙهڻ جون صلاحيتون ۽ حڪمت عمليون

آواز: گهٽِن پدن وارن لفظن جي سُڃاڻپ.

لفظن جو ذخيرو: سَنبريو، روشنين، ڪِلفٽن، شَوق، عِمارتون، سِپيُون، ڪناري، ڦوهارا، هوٽل، ڪٽمنڙا.

زبان شناسِي: صفت.

## ليولڊ ريڊرز

ليولڊ ريڊرز جو بنيادي مقصد شاگردن کي پڙهڻ ۾ خودمختيار ڪرڻ آهي، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي صلاحيتن کي سامهون رکندي هر ڪهاڻيءَ جا ٽي سيٽ لکيا ويا آهن جن کي 'ليولڊ ريڊرز' چيو وڃي ٿو. هي ليولڊ ريڊرز شاگردن جي ٽن سطحن (بهتر درجي جا پڙهندڙ، وچولي درجي جا پڙهندڙ ۽ شروعاتي درجي جا پڙهندڙ) تي مشتمل آهن. 24 هفتن لاءِ 8 ليولڊ ريڊرز لکيا ويا آهن جڏهن تہ هر ليولڊ ريڊر لاءِ 3 هفتا مخصوص ڪيا ويا آهن سيني ليولڊ ريڊرز جي پوئين صفحي تي شاگردن جي لاءِ پڙهڻ جي لاڳاپيل مهارتن جون سرگرميون ڏنل آهن. ليولڊ ريڊرز جون هي ڪهاڻيون لکڻ دوران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور: مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

تدريسي مواد جي تياريءَ دوران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دوران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري ترت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# استادن لاءِ هدايتون

## شروعاتي 3 صفحن کان پوءِ جا سوال

1. وتائي ڪھڙو شھر گھمڻ لاءِ سوچيو؟
2. وتائي ڪي ماءُ چا چيو؟

## اڌ ڪھاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

3. وتائي ڪھڙي جاءِ تي فوٽو ڪيرايو؟
4. وتايو ڪنھن جي مزار تي ويو؟

## ڪھاڻيءَ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

5. راڻي باغ ۾ وتائي ڪھڙا جانور ڏٺا؟
6. وتائي پنھنجي ماءُ لاءِ چا خريد ڪيو؟
7. توھان ڪھڙن ڪھڙن ذائقن وارا ڪٽمنڙا کاڌا آھن؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۾ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نه آهي ته هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.